رَادُّ الْقَحْطِ وَالْوَبَاءِ بِدَعْوَةِ الْجِيْرَانِ وَمُوَاسَاةِ الْفُقَرَاءِ

# راهِ خُدا

## ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل




اعلیٰ حضرت امام اهلسنت

امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن

# راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ

# جا فضائل

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اَلمَدينةُ العِلمِيّة

از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا

## ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلحَمدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ولي نعمت، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن بي مثال ذهانت و فطانت، ڪمال درجي جي فقاهت ۽ قديم و جديد علم ۾ ڪامل دسترس ومهارت رکندا هئا. سندن اٽڪل هڪ هزار ڪتاب و رسالا پنجونجاه کان وڌيڪ علوم و فنون تي سندن دسترس ظاهر ڪن ٿا. سندن جي جن ڪاوشن کي عالمي سطح تي شهرت ملي انهن مان ڪنزالايمان، حدائق بخشش ۽ فتاويٰ رضويه (تخريج شده 30 جلد) به شامل آهي، فتاويٰ رضويه ته علوم و فنون جو اهڙو بحر بيڪران آهي جيڪو بيشمار مستند مسائل ۽ تحقيقات نادره جو انمول خزانو آهي، جنهن کي پڙهي قدردان انسان بي اختيار چوندو آهي ته امام اهلسنت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن سيدنا امام اعظم ابوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مجتهدانه بصيرت جا مظهر آهن، سندن جا ڪتاب رهندڙ دنيا جي مسلمانن جي لاءِ مشعلِ راه آهن، هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي گهرجي ته سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سڀني ڪتابن جو وس آهر مطالعو ضرور ڪري.

تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ

جو پڪو عزمِ رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيامِ عمل ۾ آندو ويو آهي، جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ به آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن كَثَّرَهُمُ اللّٰهُ تعالٰی تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهه شعبا آهن:

**(1) شعبهء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** **(2) شعبهء درسي ڪُتُب**

**(3) شعبهء اِصلاحي ڪُتُب** **(4) شعبهء تراجِمِ ڪُتُب**

**(5) شعبهء تفتِيشِ ڪُتُب** **(6) شعبهء تَخرِيج ڪُتُب**

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده دؤر جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيارين.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ”دعوتِ اسلامي“ جي سڀني مجلسن ۽ گڏوگڏ ”المدينة العلمية“ کي ڏينهن ٻيڻي ۽ رات ٻيڻي ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي ڀلائي جي هر ڪم کي زيورِ اخلاص سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبذِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

**اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الامين** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پيش لفظ

زيرِ نظر رسالو ”رَادُّ الْقَحْطِ وَالْوَبَاءِ بِدَعْوَةِ الْجِيْرَانِ وَمُوَاسَاةِ الْفُقَرَاءِ“ درحقيقت صدقي ۽ خيرات جي اهميّت و فضليت جي متعلق آهي. **اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، مجدّد دين و ملّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن مذڪوره رسالي ۾ (60) حديثون ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ پنجويهہ فائدن جي ذريعي صدقي ۽ خيرات جي اهميّت و فضيلت ڪي ثابت ڪيو آهي. ان ڪان علاوه انهيءَ موضوع جي مناسبت سان ترغيب طور ڪجھ واقعا بہ هن رسالي ۾ شامل آهن، پڻ صدقي ۽ خيرات ڪي وڏيڪ نفعي وارو بڻائڻ جي لاءِ **اعليٰ حضرت** عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ العِزّت ڪجھ اهم امور بہ ارشاد فرمايا آهن جيڪي هن رسالي جي زينت ۾ اضافي جو سبب آهن. هي رسالو مبارڪ هڪ سؤ ٻارهن سال پهريان 1312ھ ۾ قلمِ رضا سان منظر عام تي آيو ۽ پنهنجي موضوع جي لحاظ کان اُمتِ مسلمہ کي رهندي دنيا تائين فائدو پهچندو رهندو، انهيءَ ڳالھ کي پيشِ نظر رکندي ”**مجلس المدينة العلميہ**“ (شعبہءِ ڪُتُبِ اعليٰ حضرت) انهيءَ جي اشاعت جو اهتمام ڪيو.

عوام جي آساني جي پيش نظر عربي عبارتن جو ترجمو ڪيو ويو ۽ مشڪل عبارتن کي بہ حتي المقدور آسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن ڪتاب پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس نہ ٿئي. علماءِ ڪرام ۽ محقق حضرات جي لاءِ حاشيي جي مابين تخريج بہ درج ڪئي وئي آهي تہ جيئن اصل ماخذ ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ آساني رهي. ان سلسلي ۾ مولانا عبدالرشيد همايون المدني

جي خدمات مان استفادو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نظرثاني جو ڪم مولانا عبدالرّزّاق العطاري المدني ۽ مولانا يونس علي العطاري المدني سرانجام ڏنو آهي ته جيئن غلطي جو امڪان گهٽ ۾ گهٽ هجي.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اراڪين مجلس "**المدينة العلمية**" جي اهائي ڪوشش رهي آهي ته اهڙا معياري ۽ ديده زيب ڪتاب اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن جيڪي اوهان جي علمي ذوق جي عين مطابق هجن. اهو سڀ اسان جي مني مني مرشدِ ڪريم شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي مَدّظِلّهُ العَالی جي نظر ڪرم ۽ شفقت جو فيضان آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان رسالي جي حاشيي جو نالو "**راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل**" اوهان ئي پاڻ عطا فرمايو آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته اسان کي اخلاص جي دولت سان مالامال ڪندي اسان جي ان ڪاوش کي پنهنجي بارگاهه بيڪس پناهه ۾ شرفِ قبوليت سان نوازي ۽ تادم آخر مسلڪِ اعليٰ حضرت جي لاءِ خدمات انجام ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**المدينة العلميہ** (شعبہءِ ڪتب اعليٰ حضرت)

سنڌي ترجمو پيشڪش

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل

**مسئلو از مولوي احمد الله تلميذ احمد حسن 17 ربيع الآخر 1312 هه**

**(مدرسه فيض عام ڪانپور)**

ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيان شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان جي علائقي (ڪانپور، بنگال) ۾ هي رواج آهي ته ڪنهن شهر ۾ هيضو، ماتا ۽ ڏڪار وغيره اچي وڃي ته هن مصيبت کي ٽارڻ لاءِ سيئي پاڙي وارا گڏجي في سبيل الله پنهنجي پنهنجي وس آهر چانور، اناج ۽ پيسا وغيره گڏ ڪري ڪاڌو پچائيندا آهن ۽ مولوين، عالمن جي دعوت ڪري انهن کي کارائيندا آهن ۽ سيئي پاڙي وارا به کائيندا آهن. هن صورت ۾ پاڙيوارن کي اهو کائڻ جائز آهي يا نه؟ انهيءَ کاڌي کائڻ کان جهليندڙ ۽ نه جهليندڙ جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ بينوا وتوجروا (مسئلو ٻڌايو ۽ ثواب ڪمايو)

الجواب

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله الذى وضع البركة فى جماعة الاخوان وقطع الهلكة بتواصل الاحباء والجيران والصلاة والسلام على صاحب الشفاعة مجيب الدعوة و محب الجماعة دافع البلاء و الوباء والقحط والمجاعة وعلى آله و صحبه وجماعة المسلمين و علينا فيهم يا ارحم الراحمين آمين آمين آمين يا ربنا آمين!

ترجمو: تمام تعريفون ان ذات لاءِ جنهن ياڙن جي اجتماع ۾ برڪت

فرمائي، اهل محبت ۽ پاڙيسرين جو پاڻ ۾ گڏجڻ مِلڻ جي سبب مصيبت کي دور فرمايو ۽ صلاة و سلام شفاعت جي مالڪ، دعوت کي قبول ڪندڙ، جماعت سان محبت فرمائيندڙ، بلا، مصيبت، بک ۽ ڏڪر کي دور ڪرڻ واري ذات تي ۽ سندن آل و اصحاب ۽ مسلمانن جي جماعت ۽ انهن سان گڏ اسان تي، يا ارحم الراحمين آمين آمين آمين اي اسان جا رب قبول فرماءِ!

سوال ۾ پچيل عمل ۽ ان جي باري ۾ بيان ڪيل طريقو ۽ دعوتين کي اهو ڪاڏو ڪائڻ شرعاً جائز ۽ درست آهي، شريعت مطهّره ۾ ان جي ڪابه ممانعت ناهي ڇوته الله تعاليٰ فرمايو:

لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا جَمِيۡعًا اَوۡ اَشۡتَاتًا ؕ (پ 18 النور: 61)

ترجموڪنزالايمان: توهان تي ڪو حرج نه آهي جو گڏجي ڪائو يا جدا جدا.

شرعي ممانعت نه هجڻ باوجود هن عمل کان منع ڪرڻ جهالت ۽ جرئت آهي.

و انا اقول و بالله التوفيق (مان الله جي توفيق سان چوان ٿو): غور ڪيو ته اهو عمل چند فائدن جو ڪامل نسخو آهي، هن مان مسڪين[1] ۽ فقير به ڪائن. عالم، صالح (نيڪ)، عزيز، رشتيدار، قريب ۽ پاڙيسري به ڪائن. ان ۾ جنّت جي دروازن جي تعداد جي نسبت سان اٺ خوبيون آهن: ﴿1﴾ صدقي جي فضيلت ﴿2﴾ نيڪن جي خدمت ﴿3﴾ صله رحمي (رشتيدارن سان حُسن سلوڪ) ﴿4﴾ پاڙيسري جي غمخواري ﴿5﴾ نيڪ سلوڪ سان مسلمانن خصوصاً غريبن جي دل خوش ڪرڻ ﴿6﴾ انهن جون پسنديده شيون انهن لاءِ مهيا ڪرڻ ﴿7﴾ مسلمان ڀائرن کي ڪاڌو ڏيڻ ﴿8﴾ مسلمانن جو ڪاڌي تي جمع ٿيڻ ۽

---

[1] مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه به نه هجي، ايستائين جو ڪائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج هجي جو ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي. وڌيڪ تفصيل جي لاءِ بهار شريعت حصو 5 ملاحظ فرمايو. (بهارشريعت ج 1 ص 924)

اهي سيئي ڪم جڏهن تہ سني نيت سان ڪيا وڃن اللّٰه تعاليٰ جي حڪم سان، خدا جي رضا، گناهن جي بخشش ۽ مصيبتون دور ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن. ظاهر آهي تہ ڏکر، وبا، هر مصيبت ۽ بلا گناهن سبب ايندي آهي. اللّٰه تعالي ارشاد فرمايو:

وَ مَآ اَصَابَكُمۡ مِّنۡ مُّصِيۡبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتۡ اَيۡدِيۡكُمۡ وَ يَعۡفُوۡا عَنۡ كَثِيۡرٍ ﴿۳۰﴾
(پ 25 الشوريٰ 30)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توهان کي جيڪا بہ مصيبت پهتي اهو ان سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو ۽ اهو گهڻو ڪجهہ تہ معاف فرمائيندو آهي.

اهڙا عمل جن جي ذريعي مغفرت ملي، ربّ جي رضا ۽ رحمت حاصل ٿئي اهي ان مصيبت جو بهترين علاج آهن.

هاڻي اللّٰه تعاليٰ جي توفيق سان حديثون پڙهو:

حضور پرنور سيد المرسلين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:

**حديث:** ﴿1﴾ إن الصدقة لتطفئ غضب الرب وتدفع ميتة السوء.

رواه الترمذي وحسنه و ابن حبان في صحيحه عن انس بن مالك رضي الله عنه

**ترجمو:** بيشڪ صدقو ربّ عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي وسائي (يعني ٿڌو ڪري) ٿو ۽ بري موت کي دفع ڪري ٿو. (سنن الترمذي، ج ٢ ص ١٤٦، الحديث ٦٦٤)

**حديث:** ﴿2﴾ اتقوا النار ولو بشق تمرة فإنها تقيم العوج وتدفع ميتة السوء.

(الحديث رواه ابويعلى والبزار وعن الصديق الأكبر رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** دوزخ کان بچو جيتوڻيڪ اڌ ڇوهارو ڏئي ڪري جو هو ٽيڏائپ کي سڌو ڪندو آهي بري موت کي دور ڪندو آهي.

(مسند ابي يعلى ج ١ ص ٥٨، الحديث ٨٠)

**حديث:** ﴿3﴾ إن الصدقة المسلم تزيد في العمر، و تمنع ميتة السوء.

(رواه الطبراني و أبوبكر بن مقيم في جزئه عن عَمرو بن عوف رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** بيشڪ مسلمان جو صدقو عمر وڌائي ٿو ۽ بري موت کي ٽاري ٿو. (المعجم الكبير ج ١٧ ص ٢٢، ٢٣، الحديث ٣١)

**حديث:** ﴿4﴾ الصدقة تطفئ الخطيئة وتقي ميتة السوء.

(رواه الطبراني في الكبير عن رافع بن مكيث الجهني رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صدقو گناهہ کي مٽائي ٿو ۽ بري موت کان بچائي ٿو.

(الترغيب والترهيب، الترغيب ج ٢ ص ١٢، الحديث ٤١)

ٻي روايت ۾ آهي:

**حديث:** ﴿5﴾ الصدقة تمنع ميتة السوء. (رواه احمد عنه والقضاعی عن ابي هريرة رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صدقو بري موت کان بچائي ٿو. (كنزالعمال ج 6 ص 148، الحديث 15977)

**حديث:** ﴿6﴾ إن الله ليدرؤ بالصدقة سبعين باباً من ميتة السوء.

(رواه الامام عبدالله بن مبارك في كتاب البر عن انس بن مالك رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** بيشڪ الله تعاليٰ صدقي جي سببان بري موت جا ستر دروازا بند ڪندو آهي. (الترغيب و الترهيب، ج ٢، ص ٧، الحديث ٢١)

**حديث:** ﴿7﴾ الصدقة تسد سبعين باباً من السوء.

(رواه الطبراني في الكبير عن رافع بن خديج رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صدقو برائي جا ستر دروزا بند ڪندو آهي.

(المعجم الكبير ج ٤، ص ٢٧٤، الحديث ٤٤٠٢)

**حديث:** ﴿8﴾ الصدقة تمنع سبعين نوعا من أنواع البلاء اهونها الجذام و البرص.

(رواه الخطيب عن أنس رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صدقو ستر قسم جي بلائن کي روڪي ٿو جن مان آسان تر بلا، ڪوڙهہ ۽ برص آهي. (تاريخ البغداد، ج ٨، ص ٢٠٤، رقم الترجمة ٤٣٢٦)

**حديث:** ﴿9، 10﴾ باكروا بالصدقة فإن البلاء لا يخطاها.

(رواه الطبراني عن امير المؤمنين علي و البيهقي عن أنس رضي الله تعالیٰ عنهما)

**ترجمو:** صبح سوير صدقو ڏيو بلا صدقي کان هڪ قدم اڳتي نہ وڌائيندي آهي. (المعجم الأوسط، ج ٤ ص ١٨٠، رقم الحديث ٥٦٤٣)

**حديث:** ﴿11﴾ الصدقات بالغدوات يذهبن بالعاهات. (رواه الديلمي عن أنس رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صبح جا صدقا فتنن کي دور ڪندا آهن.

(الفردوس بماثور الخطاب ج ٢، ص ٤١٤)

**حديث:** ﴿12﴾ الصدقة تمنع القضاء السوء. (رواه ابن عساکر عن جابر رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** صدقو بري قضا کي ٽاري ٿو. (ابن عساکر)

**حديث:** ﴿13﴾ صلوا الذي بينکم و بين ربکم بکثرة ذکرکم له و کثرة الصدقة بالسر و العلانية ترزقوا و تنصروا وتجبروا. (رواه ابن ماجة عنه (جابر) رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** خفيہ ۽ ظاهري صدقي ۽ ذڪر جي ڪثرت سان پاڻ ۽ پنهنجي ربّ جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪريو تہ توهان روزي ڏنا ويندؤ ۽ توهان جي مدد ڪئي ويندي، توهان جا بگڙيل ڪم بڻجي ويندا.

(سنن ابن ماجة، ، ج ٢، ص ٥، الحديث ١٠٨١)

**حديث:** ﴿14 کان 17﴾ الصدقة تطفئ الخطيئة کما يطفئ الماء النار. (رواه الترمذي و قال حسن صحيح. عن معاذ بن جبل و نحوه ابن حبان في صحيحه عن کعب بن عجرة و کأبي يعلیٰ بسند صحيح عن جابر رضي الله تعالیٰ عنهم و ابن المبارك عن عکرمة مرسلاً بسند حسن)

**ترجمو:** صدقو گناھ کي ائين مٽائيندو آهي جيئن پاڻي باھ کي وسائيندو آهي. (سنن الترمذي، ج ٤، ص ٢٨٠، الحديث ٢٦٥)

**حديث:** ﴿18﴾ مثل المؤمن و مثل الايمان کمثل الفرس في اخبته يجول ثم يرجع الی أخبته و إن المؤمن يسهو ثم يرجع الی الايمان فأطعموا طعامکم الاتقياء وولوا معروفکم المؤمنين. (رواه البيهقي في شعب الايمان و ابو نعيم في الحلية عن أبي سعيد الخدري رضي الله تعالیٰ عنه)

**ترجمو:** مسلمان ۽ ايمان جو مثال ائين آهي جيئن چراگاھ ۾ گهوڙو پنهنجي رسي سان بڌل هجي چئني پاسي ڪان چري وري پنهنجي بندش ڏانهن موٽي ايندو آهي ائين ئي مسلمان کان ڀل ٿي ويندي آهي پوءِ ايمان ڏانهن رجوع ڪندو آهي تہ پنهنجو ڪاڌو پرهيزگارن کي کارايو ۽ پنهنجو نيڪ سلوڪ سيني مسلمانن کي ڏيو.

(شعب الإيمان ج ٧، ص ٤٥٢، الحديث ١٠٩٦٤، حلية الأولياء، ج ٨، ص ١٩١، رقم ١١٨٤٩)

هن حديث مان ظاهر ٿيو تہ گناهن جي علاج لاءِ نيڪن ڪي ڪاڌو کارائڻ ۽ عام مسلمانن سان سنو سلوڪ ڪرڻ ڪپي.

**حديث:** ﴿19﴾ إن الصدقه و صلة الرحم يزيد الله بهما في العمر و يدفع بهما الميتة السوء ويدفع المكروه والمحذور. (رواه أبو يعلى عن أنس رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** بيشڪ صدقي ۽ صلہ رحمي جي ذريعي الله تعالي عمر وڌائي ٿو بري موت کي ٽاري ٿو ۽ مڪروهہ ۽ انديشي (خوف) کي دور ڪري ٿو. (مسند ابي يعليٰ ج ٣، ص ٣٩٨، الحديث ٤٠٩٠)

**حديث:** ﴿20﴾ من أحب أن يبسطه له في رزقه وينسأ له في أثره فيصل رحمه.
(رواه البخاري عن ابي هريره رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** جيڪو چاهي ٿو تہ ان جي رزق ۾ ڪشادگي، مال ۾ برڪت ٿئي تہ اهو پنهنجي مائٽن سان نيڪ سلوڪ ڪري.
(صحيح بخاري ج ٤، ص ٩٧، الحديث ٥٩٨٦)

**حديث:** ﴿21، 22﴾ من سره أن يمد له في عمره، ويوسع له في رزقه، ويدفع عنه ميتة السوء، فليتق الله وليصل رحمه. (رواه عبدالله ابن الامام في زوائد المسند والبزار بسند جيد والحاكم في المستدرك عن اميرامؤمنين علي والحاكم كرم الله وجهه الكريم نحوه في الحديث عن عقبة بن عامر رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** جنهن کي پسند هجي تہ ان جي حياتي ڊگهي، رزق ڪشادو ۽ برو موت دور ٿئي، اهو الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڃي ۽ پنهنجي مائٽن سان نيڪ سلوڪ ڪري. (الترغيب و الترهيب ج ٣، ص ٢٢٧، رقم الحديث ٤)

**حديث:** ﴿23﴾ صلة القرابة مثراة في المال، محبة في الاهل، منسأة في الأجل.
(رواه الطبراني بسند صحيح عن عمرو بن سهل رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** ويجهن مائٽن سان سهٽو سلوڪ مال کي گهڻو وڌائڻ وارو، پاڻ ۾ وڌيڪ محبت پيدا ڪرڻ وارو، حياتي کي وڌائڻ وارو آهي.
(المعجم الأوسط ، ج ٦، ص ١١، رقم الحديث ٧٨١٠)

**حديث:** ﴿24﴾ صلة الرحم تزيد في العمر. (رواه القضاعي عن ابن مسعود رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** صلہ رحمي سان عمر وڌندي آهي. (كنزالعمال، ج ٣، ص ١٤٣، الحديث ٦٩٠٦)

**حديث:** ﴿25﴾ إن أعجل البر ثوابا لصلة الرحم حتىٰ أن أهل البيت ليكونون فجرة فتنموا أموالهم ويكثر عددهم إذا تواصلوا. (رواه الطبراني عن أبي بكرة رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** بيشڪ ثواب ۾ سڀني نيڪين کان جلدي نيڪي صلہ رحمي آهي، ايتري قدر جو گهروارا فاسق بہ هجن تہ انهن جا مال وڌندا آهن ۽ انهن جي ڳڻپ وڌندي آهي، جڏهن هو پاڻ ۾ صلہ رحمي ڪن.

(مجمع الزوائد، ج ٨، ص ٢٧٨، الحديث ١٣٤٥٦، المعجم الأوسط، ج ١ ص ٣٠٨، الحديث ١٠٩٢، إن هذه الرواية بالمعنى واللفظ غيرها)

بي روايت ۾ ايترو وڌيڪ آهي: وما من أهل بيت يتواصلون فيحتاجون. (رواه ابن حبان في صحيحه)

ڪي اهڙا گهر وارا نہ آهن جيڪي پاڻ ۾ صلہ رحمي ڪن ۽ وري پوءِ محتاج ٿي وڃن! (صحيح ابن حبان ج ١ ص ٣٣٣، الحديث ٤٤١)

**حديث:** ﴿26﴾ صلة الرحم وحسن الخلق وحسن الجوار يعمرن الديارو يزدن في الأعمار. (رواه الامام أحمد و البيهقي في الشعب بسند صحيح على أصولنا عن أم المؤمنين الصديقة رضي الله تعالى عنها)

**ترجمو:** صلہ رحمي ۽ سٺو اخلاق ۽ پاڙيسرين سان نيڪ سلوڪ (ڪرڻ) شهرن کي آباد ڪندا آهن ۽ عمرن کي وڌائيندا آهن.

(كنزالعمال، ج ٣، ص ١٤٣، الحديث ٦٠٩٧)

**حديث:** ﴿27﴾ صنائع المعروف تقي مصارع السوء والافات والهلكات و أهل المعروف في الدنيا هم أهل المعروف في الاخرة. (رواه الحاكم في المستدرك عن انس رضي الله عنه)

**ترجمو:** نيڪ سلوڪ جا ڪم برن موتن ۽ هلاڪتن کان بچائيندا آهن ۽ دنيا ۾ احسان وارا اهي ئي آخرت ۾ احسان وارا هوندا.

(كنزالعمال، ، ج ٦، ص ١٤٧، الحديث ١٥٩٦٢)

**حديث:** ﴿28﴾ صنائع المعروف تقي مصارع السوء والصدقة خفيا تطفئ غضب الرب وصلة الرحم زيادة في العمر و كل معروف صدقة و أهل المعروف في الدنيا هم أهل المعروف في الاخرة و أهل المنكر في الدنيا هم اهل المنكر في الاخرة و اول من يدخل الجنة أهل المعروف. (رواه الطبراني في الاوسط عن ام المؤمنين ام سلمة رضي الله تعالى عنها)

**ترجمو:** نيڪ سلوڪ جا ڪم بُرن موتن کان بچائيندا آهن ۽ لڪائي خيرات ڏيڻ رب جي غضب کي ٿڌو ڪندو آهي ۽ مائٽن سان سهڻو سلوڪ عمر ۾ برڪت آهي ۽ هر نيڪي صدقو آهي ۽ دنيا ۾ احسان وارا اهي ئي آخرت ۾ احسان ماڻيندا ۽ دنيا ۾ بدي وارا اهي ئي آخرت ۾ بدي ڏسندا آهن ۽ سيني کان پهريان جيڪي جنت ۾ ويندا اهي نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارا هوندا. (المعجم الأوسط، ج ٤، ص ٣١١، الحديث ٦٠٨٦)

**حديث:** ﴿29﴾ إن من موجبات المغفرة ادخالك السرور على أخيك المسلم.

(رواه الطبراني في الكبير والاوسط عن الامام سيدنا الحسن بن علي كرم الله تعالى وجوههما)

**ترجمو:** مغفرت واجب ڪرڻ وارين شين مان تنهنجو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي خوش ڪرڻ آهي. (المعجم الأوسط، ج ٦، ص ١٢٩، الحديث ٨٢٤٥)

**حديث:** ﴿30﴾ أحب الاعمال الى الله تعالى بعد الفرائض ادخال السرور على المسلم. (رواه فيهما عن ابن عباس رضي الله تعالى عنهما)

**ترجمو:** الله تعالي جي فرضن کان پوءِ سيني عملن کان پيارو عمل مسلمانن جي دل خوش ڪرڻ آهي. (المعجم الأوسط، ج ٦ ص ٣٧، الحديث ٧٩١١)

**حديث:** ﴿31 کان 33﴾ افضل الأعمال ادخال السرور على المؤمن كسوت عورته، أو أشبعت جوعته، أقضيت له حاجة. (رواه في الأوسط عن امير المؤمنين عمر الفاروق الأعظم و نحوه أبو الشيخ في الثواب والاصبهاني في حديث عن ابنه عبدالله و ابن ابي الدنيا عن بعض اصحاب النبي صلي الله تعالى عليه وسلم)

**ترجمو:** سڀ کان افضل ڪم مسلمانن جي دل خوش ڪرڻ آهي تہ

تون ان جو بدن ڍڪين يا بک ۾ ان جو پيٽ ڀرين يا ان جو ڪو ڪم پورو ڪرين. (الترغيب والترهيب، ج ٣، ص ٢٦٥، رقم الحديث ١٩)

**حديث:** ﴿34﴾ من وافق من اخيه شهوة غفرله.

(رواه العُقيلي و البزار و الطبراني في الكبير عن ابي الدرداء رضي الله تعالى عنه وله الشواهد في اللالي)

**ترجمو:** جنهن مسلمان جي دلي خواهش پوري ڪئي تہ الله تعالي ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (مجمع الزاوئد، ج ٥، ص ١٠، الحديث ٧٨٧٤)

**حديث:** ﴿35﴾ من اطعم أخاه المسلم شهوة حرمه الله على النار.

(رواه البيهقي في شعب الايمان عن ابي هريره رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي ان جي پسنديده شيءِ کارائي، الله تعالي ان تي دوزخ حرام ڪري ڇڏي ٿو.

(شعب الإيمان، ج ٣، ص ٢٢٢، الحديث ٣٣٨٢)

**حديث:** ﴿36﴾ من موجبات الرحمة إطعام المسلم المسكين.

(رواه الحاكم و صححه و نحوه البيهقي و أبوالشيخ في الثواب عن جابر رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** رحمتِ الٰهي واجب ڪرڻ وارن شين مان غريب مسلمانن کي کاڌو کارائڻ آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٥، رقم الحديث ٩)

**حديث:** ﴿37 کان 46﴾ الدرجات افشاء السلام وإطعام الطعام و الصلوة بااليل والناس نيام. قطعة من حديث جليل نفيس جميل مشهور مستفيد مفيد مفيض، رواه الامام الأئمة ابوحنيفة والامام احمد و عبدالرزاق في مصنفه والترمذي والطبراني عن ابن عباس، وأحمد والترمذي والطبراني وابن مردويه عن معاذ ابن جبل و ابن خزيمه والدارمي والبغوي و ابن السكن وابو نعيم وابن بسطة عن عبدالرحمان بن عايش واحمد و الطبراني عنه عن صحابي والبزار عن ابن عمر وعن ثوبان والطبراني عن ابي امامة و ابن قانع عن ابي عبيدة بن الجراح والدارقطني و ابوبكر النيسابوري في الزيادت عن انس وأبوالفرج في العلل تعليقاً عن أبي هريرة و إبن أبي شيبة مرسلاً عن عبدالرحمان بن سابط رضي الله تعالى عنهم .

في رؤية النبي صلى الله تعالى عليه وآله وسلم رب عزوجل و وضعه تعالى كفه كما يليق بجلاله العظيم بين كتفيه صلى الله تعالى عليه وسلم "فتجلّى لي كل شيء و عرفت" وفي رواية "فعلمت ما في

السمٰوٰت الأرض“ وفي أخرى ”ما بين المشرق والمغرب“ وقد ذكرناه مع تفاصيل طرقه وتنوع ألفاظه في كتابنا المبارك إن شآء الله تعالى سلطنة المصطفى في ملكوت كل الورى والحمد لله ما أولى.

**ترجمو:** ”الله عَزَّوَجَلَّ وٽ درجو بلند ڪرڻ وارا اعمال هي آهن: سلام ڦهلائڻ ۽ هر طرح جي ماڻهن کي کاڌو کارائڻ ۽ رات جو ماڻهن جي سمهڻ وقت نماز ادا ڪرڻ“

هي حديث جليل، نفيس، جميل، مشهور، مستفيد، مفيد، مفيض جو هڪ ٽڪرو آهي. (الخ)

ابن شيبہ مرسلاً حضرت عبدالرحمٰن بن سابط رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي الله تعالي جي ديدار واري روايت جنهن ۾ آهي تہ الله تعالي پنهنجي شايان شان مبارڪ تري حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مبارڪ ڪلهن تي رکي (حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمائن ٿا) تہ منهنجي لاءِ هر شيءِ روشن ٿي وئي ۽ مون سڃاڻي ورتي. ٻي روايت ۾ آهي تہ مون معلوم ڪري ورتي جيڪا بہ شيءِ زمين ۽ آسمان ۾ آهي، هڪ روايت ۾ آهي تہ اوڀر ۽ اولهہ ۾ جيڪو ڪجهہ آهي.

(سنن الترمذي، كتاب التفسير، باب ومن سورة (ص) ج ٥، ص ١٥٩، رقم الحديث ٣٢٤٥)

مرقات شريف ۾ آهي:

إطعام الطعام اي إعطاءه للأنام من الخاص والعام.

کاڌو کارائڻ يعني هر خاص و عام کي کاڌو ڏيڻ مراد آهي.

(مرقاة الفاتيح ج ٢ ص ٤٣٢ الحديث ٧٢٦)

**حديث:** ﴿47﴾ الكفارات إطعام الطعام و إفشاء السلام و الصلاة بالليل والناس نيام.

(رواه الحاكم و صحح سنده عن أبي هريرة رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** کاڌو کارائڻ، سلام عام ڪرڻ، رات جو ماڻهن جي سمهڻ وقت نماز ادا ڪرڻ گناهن کي مٽائڻ وارا آهن.

(المستدرك للحاكم ج ٥ ص ١٧٩، الحديث ٧٢٥٥)

**حديث:** ﴿48﴾ من أطعم أخاه حتى يشبعه و سقاه من الماء حتى يرويه باعد الله من النار سبع خنادق ما بين كل خندقين ميسرة خمس مائة عام. (رواه الطبراني في الكبير وأبو الشيخ في الثواب والحاكم مصححا سنده والبيهقي عن إبن عمر رضي الله تعالى عنهما)

**ترجمو:** جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي پيٽ ڀري کاڌو کارائي اُج جيترو پاڻي پياري الله تعالي ان کي دوزخ کان ست کاهيون دور ڪري ڇڏيندو، هر ٻن کاهين جي وچ ۾ پنج سؤ ورهين جي راهه هوندي.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٦، الحديث ١٤)

**حديث:** ﴿49﴾ إن الله عزوجل يباهي ملٰئكته بالذين يطعمون الطعام من عبيده.

(رواه أبو الشيخ عن الحسن البصري مرسلاً)

**ترجمو:** الله تعالي پنهنجي فرشتن تي فخر فرمائيندو آهي انهن ٻانهن سبب جيڪي ماڻهن کي کاڌو کارائيندا آهن.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٨، الحديث ٢١)

**حديث:** ﴿50، 51﴾ الخير أسرع إلى البيت الذي يؤكل فيه من الشفرة إلى سنام البعير. (رواه ابن ماجه عن إبن عباس وإبن أبي الدنيا عن أنس رضي الله تعالى عنهم)

**ترجمو:** جنهن گهر ۾ کاڌو کارايو وڃي ان گهر ۾ خير ۽ برڪت ان کان بہ جلد پهچندي جيترو جلدي ڪاتي اُٺ جي توهي ڏانهن.

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 51 الحديث 3357)

**حديث:** ﴿52﴾ الملٰئكة تصلي على أحدكم ما دامت مائدته موضوعة.

(رواه الأصبهاني عن إم المؤمنين الصديقة رضي الله تعالى عنها)

**ترجمو:** جيستائين توهان مان ڪنهن جو دسترخوان وڇايل هوندو آهي ايتري دير تائين فرشتا ان تي درود موڪليندا رهندا آهن.

(الترغيب والترهيب، ج ٣، ص ٣٠٠، الحديث ١٣)

**حديث:** ﴿53﴾ الضيف يأتي برزقه ويرتحل بذنوب القوم يمحص عنهم ذنوبهم.

(رواه أبو الشيخ عن أبي درداء رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** مهمان پنهنجو رزق ڪٺي ايندو آهي ۽ ڪارائڻ وارن جا گناهه ڪٺي ويندو آهي ۽ انهن جا گناهه مٽائي ڇڏيندو آهي.

(كنزالعمال، ج ۹ ص ۱۰۷ رقم الحديث ۲۵۸۳۰)

سيدنا امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي حديث ۾ آهي

**حديث:** ﴿54﴾ لأن أطعم أخا لى في الله لقمة أحب الى من أن أتصدق على مسكين بدرهم ، ولأن أعطى أخا لي فى الله درهما أحب إلى من أن أتصدق علي مسكين بمائة درهم.

(رواه ابوالشيخ فى الثواب عنه عن جده صلي الله تعالى عليه وسلم ولعل الأظهر وقفه كالذي يليه)

**ترجمو:** بيشڪ منهنجو پنهنجي ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي هڪ گرهه کارائڻ مون کي ان کان وڌيڪ پسند آهي ته مسڪين کي هڪ درهم ڏيان ۽ پنهنجي اسلامي ڀاءُ کي هڪ درهم ڏيڻ مون کي ان کان وڌيڪ پيارو آهي ته مسڪين تي هڪ سؤ درهم خيرات ڪيان.“

(الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۸، الحديث ۲٤)

سيدنا امير المومنين مولي المسلمين، حضرت عليُّ المرتضي كرم الله وجهه الكريم فرمائن ٿا:

**حديث:** ﴿55﴾ لأن أجمع نفرا من أخواني على صاع ، أو صاعين من طعام أحب إلى من أدخل سوقكم فاشترى رقبة فأعتقها. (رواه منه وقفا عليه رضي الله تعالى عنه)

**ترجمو:** مان پنهنجي چند ديني ڀائرن کي ٽي سير يا ڇهه سير کاڌي تي گڏ ڪيان مون کي اهو ان کان وڌيڪ محبوب آهي ته توهان جي بازار ۾ وڃان هڪ غلام خريد ڪري آزاد ڪيان.

(الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۸ الحديث ۲۳)

**حديث:** ﴿56﴾ اصحابن سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِیْن عرض ڪيو: يارسول الله! اسان کائون ٿا پر ڍؤ نٿو ٿئي، فرمايائون: گڏجي کائيندا آهيو يا جدا جدا، عرض ڪيائون جدا جدا. فرمايائون:

اجتمعوا على طعامكم واذكروا اسم الله يبارك لكم فيه.

(رواه أبوداؤد ابن ماجه و حبان عن وحشي بن حرب رضي الله تعالى عنه بسند حسن)

ترجمو: گڏجي کائو الله تعاليٰ جو نالو وٺو توهان لاءِ ان ۾ برڪت وڌي ويندي.
(سنن أبي داوٗد ج ٣، ص ٤٨٦، الحديث 3764)

حديث: ﴿57﴾ كلوا جميعاً ولاتفرقوا فإن البركة مع الجماعة.
(رواه ابن ماجة والعسكري في المواعظ عن أميرالمؤمنين عمر رضي الله تعالى عنه)

ترجمو: گڏجي کائو جدا نہ ٿيو جو برڪت جماعت سان گڏ آهي.
(كنزالعمال، ج ١٥، ص ١٠٣، رقم الحديث ٤٠٧١٦)

حديث: ﴿58﴾ البركة في ثلاثة في الجماعة والثريد والسحور.
(رواه الطبراني في الكبير والبيهقي في الشعب عن سلمان رضي الله تعالى عنه)

ترجمو: "برڪت ٽن شين ۾ آهي مسلمان جي اجتماع، ثريد ۽ سحري جي کاڌي ۾ آهي."
(المعجم الكبير ج ٦، ص ٢٥١، رقم الحديث ٦١٢٧)

حديث: ﴿59﴾ طعام الواحد يكفي الإثنين وطعام الإثنين يكفي الأربعة ويد الله على الجماعة.
(رواه البزار عن سمرة رضي الله تعالى عنه)

ترجمو: "هڪ ماڻهو جي خوراڪ ٻن کي پوري پوي ٿي ۽ ٻن جي چئن کي الله تعاليٰ جو هٿ جماعت تي آهي."
(بزار)

حديث: ﴿60﴾ إن أحب الطعام إلى الله (تعالیٰ) ما كثرت عليه الأيدي.
(رواه أبويعلى والطبراني وأبوالشيخ عن جابر رضي الله تعالى عنه)

ترجمو: "بيشڪ سيني کاڌن مان الله تعاليٰ کي وڌيڪ پسند اهو کاڌو آهي جنهن ۾ گهڻا هٿ هجن (يعني کائڻ وارن جي ڪثرت هجي)"
(الترغيب والترهيب، ج 3، ص ٩٨ الحديث 5)

انهن حديثن مان ثابت ٿيو تہ جيڪي مسلمان ان نيڪ عمل ۾ نيڪ نيت، پاڪ مال سان شريڪ ٿيندا، انهن کي ڪرم الٰهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بخشش سان 25 فائدا ملڻ جي اميد آهي.

﴿١﴾ الله تعالي جي حڪم سان بري موت کان بچندا: حديث 1، 2، 3، 4،5،6،19،21،22،27،28 (ٻارهن حديثون) ستر دروازا بري موت جا بند

ٿيندا: حديث 6.

﴿۲﴾ عمر ۾ اضافو ٿيندو: حديث 28،26،24،23،22،21،20،19،3 (نَوَ حديثون)

﴿۳﴾ انهن جي ڳٽپ وڌندي: حديث 25. هي ٿي فائدا خاص وبا کي دفع ڪرڻ جي متعلق آهن.

﴿۴﴾ رزق جي ڪشادگي ۽ مال ۾ ڪثرت ٿيندي. حديث 13، 20، 21، 22، 23، 25 (ڇهہ حديثون)

﴿۵﴾ خير ۽ برڪت حاصل ڪندا: حديث 58،57،56،51،50 (پنج حديثون)

اهي ٻئي فائدا ڏڪر دور ڪرڻ جي متعلق آهن.

﴿٦﴾ آفتون ۽ بلائون دور ٿينديون: حديث 27،12،11،10،9،8،7 (ست حديثون) بري قضا ٽرندي: حديث 2. ستر دروزا برائي جا بند ٿيندا: حديث 7. ستر قسمن جون بلائون دور ٿينديون: حديث 8.

﴿۷﴾ انهن جا شهر آباد ٿيندا: حديث 26.

﴿۸﴾ بدحالي دور ٿيندي: حديث 13.

﴿۹﴾ خوفِ انديشہ ختم ٿيندو ۽ دلي اطمينان حاصل ٿيندو: حديث 19.

﴿۱۰﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل حال ٿيندي: حديث 59،13 (ٻہ حديثون)

﴿۱۱﴾ رحمتِ الٰهي انهن لاءِ واجب ٿيندي: حديث 36.

﴿۱۲﴾ ملائڪ انهن تي درود موڪليندا: حديث 52.

﴿۱۳﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جا ڪم ڪندا: حديث 60،33،32،31،30 (پنج حديثون)

﴿۱۴﴾ الله تعالي جو غضب انهن کان پري ٿيندو: حديث 1.

﴿۱۵﴾ انهن جا گناهہ بخشيا ويندا: حديث 53,47,34,29,18,17,16,15,14,5,4 (يارهن حديثون). انهن جي لاءِ مغفرت واجب ٿي ويندي: حديث 29. انهن جي گناهن جي باهہ وسامي ويندي: حديث 17,16,15,14,5,4 (ڇهہ

حديثون). اهي ڏهه فائدا ذڪر، وبا ۽ هر قسم جي بيمارين، مصيبتن ۽ حاجتن جي پورائي، برڪتن ۽ سعادتن جي لاءِ مفيد آهن.

﴿١٦﴾ دين وارن جي خدمت ۽ صدقي کان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا: حديث 54.

﴿١٧﴾ غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا: حديث 55.

﴿١٨﴾ انهن جا بگڙيل ڪم سنورجي ويندا: حديث 2.

﴿١٩﴾ پاڻ ۾ محبتون وڌنديون، جيڪي هر ڀلائي ۽ خوبي جو نچوڙ آهن: حديث 23.

﴿٢٠﴾ ٿوري خرچ ۾ گهڻن جو پيٽ ڀربو جو اڪيلا کائن ها ته ٻيڻو خرچ ٿئي ها: حديث 59. وفيه احاديث لم نذكرها يعني ان باري ۾ ٻيون به حديثون آهن جن کي اسان ذڪر ناهي ڪيو.

﴿٢١﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ درجا بلند ٿيندا: حديث 37 کان 46 تائين (ڏهه حديثون).

﴿٢٢﴾ مولىٰ تبارڪ وتعالىٰ ملائڪن جي سامهون انهن تي فخر فرمائيندو: حديث 49.

﴿٢٣﴾ قيامت جي ڏينهن دوزخ کان امن ۾ رهندا: حديث 48،35،2 (ٽي حديثون) دوزخ جي باهه انهن تي حرام ٿيندي: حديث 35.

﴿٢٤﴾ آخرت ۾ احسان الٰهي مان فائدو حاصل ڪرڻ وارا هوندا جيڪو مقصدن جي پورائي ۽ مرادن جو حاصل ٿيڻ آهي: حديث 28،27.

﴿٢٥﴾ خداعَزَّوَجَلَّ چاهيو ته ان مبارڪ گروهه (ٽولي) مان ٿيندا جيڪو حضور پرنور سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعل اقدس جي صدقي سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا: حديث 28.

الله اڪبر! غور ڪريو، بِحَمۡدِالله ڪيڏو نسخو جليل، جميل، جامع، ڪافيہ، شافيہ، صافيہ، وافيہ آهي. هڪ دوا ۾ ايتري قدر فرحت افزا منافع و فضل الله أوسع و أكبر و أطيب و أكثر (الله تعالي جو فضل ڏاڍو وسيع، سڀ کان وڏو، گهڻو پاڪيزه ۽ گهڻو وڌيڪ آهي) علماء تہ شفا حاصل ڪرڻ جي غرض ۾ بلا تاڻ لاءِ مختلف شيون گڏ ڪندا آهن جيئن ڪو پنهنجي زال کي سندس مهر سڄو يا ڪجھ ڏئي، هوءَ ان مان ڪجھ پنهنجي خوشي سان ڪيس هِبہ (تحفو) ڪري ڏئي، انهن پيسن مان ماکي، روغن زيتون خريد ڪري ڪجھ قرآني آيتون خصوصاً سوره فاتحہ ۽ آيات شفا پليٽ ۾ لکي مينهن جو پاڻي، اهو نہ ملي تہ درياءُ جي پاڻي سان ڌوئي ڪجھ تيل ۽ ماکي ملائي پئي، الله تعاليٰ جي حڪم سان هر مرض کان شفا حاصل ٿيندي، جو ان ۾ شفائون قرآن ۽ ماکي، ۾ برڪتون، مينهن جو پاڻي ۽ زيتون جو تيل ۽ پنهنجي خوشي سان ڏنل مهر پنج شيون گڏ ڪيون.

لقوله تعالىٰ: وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ[1] (پ ١٥ بني اسرائيل ٨٢)

وقوله تعالىٰ: فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ[2] (پ١٤ النحل ٦٩) وقوله تعالىٰ: وَ نَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا[3] (پ ٢٦ ق ٩) و قوله تعالىٰ: شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ[4] (پ ١٨ النور ٣٥) و قوله تعالىٰ: فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَیْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِیْٓــٴًـا مَّرِیْٓــٴًـا ۝۴[5] (پ ٤ النساء ٤)

انهن مبارڪ ترڪيبن ڏانهن حضرت اميرالمؤمنين مولي

1. اسان قرآن ۾ نازل ڪريون ٿا اها شيءِ جيڪا ايمان وارن لاءِ شفاء ۽ رحمت آهي.
2 جنهن ۾ ماڻهن جي واسطي تندرستي آهي.
3 ۽ اسان آسمان مان برڪت وارو پاڻي لاٿو.
4 برڪت واري وڻ زيتون مان.
5 پوءِ جي اهي پنهنجي دل جي خوشيءَ سان مهر مان ڪجھ حصو توهان کي ڏين تہ ان کي کائو خوشگوارمزي سان.

المسلمين عليّ المرتضي شير خدا مشڪل ڪشا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ۽ حضرت عوف بن مالڪ اشجعي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن هدايت فرمائي، ابن ابي حاتم پنهنجي تفسير ۾ سند حسن سان حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي تہ پاڻ فرمايائون: ”اذا اشتکی أحدکم فليستوهب من امرأته من صداقها درهما فليشتربه عسلا ثم يأخذ ماء السماء فيجمع هنيئا مريئا مبارکاً“ جڏهن توهان مان ڪو بيمار ٿئي، ان کي کپي تہ پنهنجي عورت جي مهر مان هڪ درهم هِبہ وٺي ۽ ان جي ماکي خريد ڪري پوءِ مينهن جو پاڻي حاصل ڪري جيڪو خوشگوار برڪت وارو هوندو آهي. (المواهب اللدنية، ج ٣، ص ٤٨)

هڪ دفعي فرمايو: ”إذا أراد أحدکم الشفاء فليکتب آية من کتاب الله في صحفة وليغسلها بماء السماء وليأخذ من امرأته درهم عن طيب نفس منها فليشتر به عسلا فليشربه فإنه شفاء“ (ذكره الإمام القسطلاني في المواهب اللدنية)

جڏهن توهان مان ڪو شفا حاصل ڪرڻ چاهي تہ قرآن عظيم جي ڪا آيت پليٽ ۾ لکي ۽ مينهن جي پاڻي سان ڌوئي پنهنجي زال کان درهم سندس خوشي سان وٺي، ان جي ماکي خريد ڪري پيئي جو ان ۾ بيشڪ شفا آهي. (المواهب اللدنيه، ج ٣، ص ٤٨ بتغير قليل)

علّامہ زرقاني شرح مواهب ۾ فرمائن ٿا:

مرض عوف بن مالك الأشجعي الصحابي رضي الله تعالى عنه فقال: ائتوني بماء فإن الله تعالى يقول: ”وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا“ ثم قال: ائتوني بعسل و تلا الآية ”فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ“ ثم قال ائتوني بزيت و تلا ”مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ“ فخلط ذلك بعضه ببعض و شربه فشفاء.

حضرت عوف بن مالڪ اشجعي صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيمار ٿي پيا فرمايائون: پاڻي کڻي اچو جو الله تعالي فرمائي ٿو: ”۽ اسان

آسمان مان برڪت وارو پاڻي لاٿو“ وري فرمايائون: ماکي ڪٽي اچو، ”جنهن ۾ ماڻهن جي واسطي تندرستي آهي“ وري فرمايائون: روغن زيتون ڪٽي اچو ۽ آيت پڙهيائون: ”برڪت واري وڻ مان“ پوءِ انهن سيني کي ملائي پيتائون ۽ شفاياب ٿي ويا.

(شرح العلامة الزرقاني على المواهب اللدنيه، ج ۹، ص ٤۹۳، 494 بتغير قليل)

پوءِ جڏهن مختلف شين کي گڏ ڪرڻ جائز ۽ فائديمند آهي ته هتي هڪ ئي دوا سيني خوبين جي جامع آهي ان جو ڪامل مثال حضرت سيدنا امام الائمہ امام اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فرمانبردار شاگرد امام اجل حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ جو نسخو ۽ حضور پُرنور سيّدالمُرسَلِين رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوابن جو عظيم نسخو آهي. علي بن حسين بن شقيق چون ٿا منهنجي سامهون هڪ شخص عبدالله بن مبارڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي عرض ڪيو: اي عبدالرحمٰن ستن ورهين کان منهنجي گوڏي ۾ قرڙي آهي طرح طرح جا علاج ڪرايا، طبيبن وٽ ويس پر ڪجهه فائدو نه ٿيو، فرمايائون: ”اذهب فانظر موضعا يحتاج الناس إلى الماء فاحفر هناك بئرا فإني أرجو أن تنبع لك هناك عين ويمسك عنك الدم، ففعل الرجل فبرأ“

(رواه الإمام البيهقي عن علي قال سمعت ابن المبارك وسئله الرجل فذكره)

اهڙي جاءِ تي وڃ جتي ماڻهن کي پاڻي جي ضرورت هجي اتي هڪ کوهه کوٽ (۽ ارشاد فرمايائون ته) مان اميد ڪيان ٿو ته اتي تولاءِ هڪ چشمو نڪرندو ۽ تنهنجو هي رت وهڻ بند ٿي ويندو ان شخص ائين ئي ڪيو هو چڱو ڀلو ٿي ويو. ان کي بيهقي علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت ڪيو، فرمايائون: مان ابن مبارڪ کان ٻڌو! انهن کان ان شخص سوال ڪيو ته پاڻ ان حديث کي ذڪر ڪيائون.

(شعب الإيمان ج ۳، ص ۲۲۱، رقم الحديث ۳۳۸۱)

امام بيهقي فرمائن ٿا: ان ئي قسم جي حڪايت اسان جي استاد ابو عبدالله (صاحبِ مستدرڪ) جي آهي سندن منهن تي ڦرڙيون نڪتيون طرح طرح جا علاج ڪيا ويا پر (ڦرڙيون) نہ ويون تقريباً هڪ سال ان حال ۾ گذريو پاڻ هڪ جمعي ۾ امام استاد ابو عثمان صابوني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي سندن مجلس ۾ دعا جي درخواست ڪئي امام دعا ڪئي ۽ حاضرين ڪثرت سان آمين چيو، ٻيو جمعو ٿيو ڪنهن ٻيبي هڪ چٺي مجلس ۾ موڪلي ان ۾ لکيل هو تہ مان پنهنجي گهر موٽي ويس ۽ رات جو ابو عبدالله حاڪم لاءِ دعا ڪئي. مان خواب ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت کان مشرف ٿيس، جڻ تہ مون کي ارشاد فرمائن ٿا: "قولي لأبي عبدالله يوسع الماء على المسلمين" ابو عبدالله کي چئو تہ مسلمانن تي پاڻي ڪشادو ڪري. امام بيهقي فرمائن ٿا: مان اها چٺي پنهنجي استاد حاڪم وٽ کڻي ويس، انهن پنهنجي دروازي تي هڪ (پاڻي جي) سبيل لڳائڻ جو حڪم ڏنو جڏهن تيار ٿي وئي ان ۾ پاڻي پرايائون ۽ برف وڌائون ۽ ماڻهن پيئڻ شروع ڪيو اڃا هڪ هفتو ئي نہ گذريو هو تہ شفا ظاهر ٿي ۽ ڦرڙيون ختم ٿينديون ويون. چهرو بهتر ٿيندو ويو ايترو بهتر ٿيو جو پهريان کان بهتر ٿي ويو هو ان کان پوءِ ڪافي سالن تائين جيئرا رهيا. (شعب الإيمان ج ۳، ص ۲۲۲)

تمام مسلمانن کي کپي هن پاڪ ۽ مبارڪ عمل ۾ چند ڳالهين جو لحاظ ضرور رکن جيئن انهن دنيا ۽ آخرت جي عظيم فائدن مان حصيدار ٿين.

﴿1﴾ نيت جي درستگي جو ماڻهوءَ جي جهڙي نيت هوندي آهي تهڙو ثمر ملندو آهي نيڪ ڪم ڪيائين ۽ نيت کوٽي هوندي تہ اهو

ڪنهن ڪم جو ناهي ”إنما الأعمال بالنيات“ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (صحيح البخاري ج 1ص 6 حديث 1) پوءِ لازمي آهي ته ڏيکاءُ ۽ شهرت وغيره برن مقصدن کي بلڪل دخل نہ ڏين نہ ته فائدو رهيو هڪ طرف ابتو نقصان جا حقدار بڻبا. و العياذ بالله تعالیٰ الله تعالٰي جي پناهہ.

﴿2﴾ صرف پنهنجي پاڻ تان بلا (مصيبت) ٽارڻ جي نيّت نہ ڪن جو جنهن نيڪ ڪم ۾ ڪجهه چڱا مقصد هجن ماڻهو ان مان هڪ جي نيّت ڪري ته ان لائق ئي ڦل جو حقدار ٿيندو، ”إنما لكل امرء ما نوى“ هر ڪنهن کي اهوئي حاصل ٿيندو جنهن جي هو نيت ڪري“(صحيح البخاري ج 1ص 6 حديث 1) جڏهن ڪم ڪجهه وڏي نتو رکُو نيت ڪرڻ سان هڪ ڪم جا ڏهہ تي وجن ٿا ته هڪ ئي نيّت ڪرڻ ڪيڏي چريائي ۽ (بنا سبب) پنهنجو نقصان آهي اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون تہ هن عمل ۾ ڪيترين ئي نيتون تي سگهن ٿيون انهن سيني جو ارادو ڪن ته سيني جا فائدا حاصل ٿيندا، بلڪ ان عمل سان بلا ٽرڻ بہ انهن نيتن جو ثمر آهي. جيئن ته اسان حديثن سان واضح ڪيو ته بنا هنن نيتن يعني فقيرن تي صدقو ڪرڻ، نيڪن جي خدمت ڪرڻ، مائٽن سان سهٽي سلوڪ سان پيش اچڻ ۽ پاڙيسرين تي احسان ڪرڻ وغيره جي مصيبت ٽرڻ جي خالي نيت ڪرڻ بيوقوفي آهي.

﴿3﴾ پنهنجي مالن جي پاڪائي ۽ حد درجي جي ڪوشش ڪن تہ هن ڪم ۾ پاڪ ئي مال لڳايو وڃي. الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي ۽ پاڪ ئي قبول فرمائيندو آهي. الشيخان والنسائي والترمذي وابن ماجه ابن خزيمة عن أبي هريرة رضي الله تعالى عنه قال قال رسول الله صلى الله تعالى عليه وآله وسلم ”لايقبل الله الا الطيب“ هو قطعة حديث و في الباب عن ابن عباس رضي الله تعالى عنهما.

شيخين (امام بخاري ۽ امام مسلم) نسائي، ترمذي، ابن ماجہ

۾ ابن خزيمہ ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪئي آهي تہ رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "اللّٰه تعاليٰ پاڪ ئي قبول فرمائيندو آهي." (صحيح البخاري، ج ١، ص 476 الحديث 1410)

ناپاڪ مال وارن جو اهو روئڻ ٺورو آهي جو انهن جو صدقو خيرات فاتحہ، نياز ڪجھ قبول ئي ناهي. وَالعِيَاذُبِاللّٰه تعاليٰ.

﴿4﴾ خبردار هرگز ائين نہ ڪريو جو خوشحال، امير ماڻهن کي گهرايو ۾ محتاجن کي ڇڏي ڏيو جو وڌيڪ حقدار اهي ئي آهن ۾ ڪين ان جي ضرورت آهي انهن کي ڇڏڻ ڪين تڪليف ڏيڻ ۾ دل ڏکائڻ آهي مسلمانن جي دل ٽوڙڻ مَعاذَاللّٰه اها وڏي بلا آهي جو سڄي عمل کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيندي. اهڙي کاڌي کي حضور اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀ کان بدترين کاڌو قرار ڏنو جو پيٽ ڀريل گهرايا وڃن جن کي پرواھ ناهي ۾ بکيا ڇڏيا وڃن جيڪي اچڻ چاهين ٿا.

مسلم عن أبي هريرة رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ قال قال رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "شرالطعام طعام الوليمة يمنعها من يأتيها و يدعي اليها من يأبها" وللطبراني في الكبير والديلمي في مسند الفردوس بسند حسن عن ابن عباس رضي الله تعالى عنهما عن النبي صلى الله تعالى عليه وسلم بلفظ "يدعى إليه الشعبان و يحس عنه الجائع" وفي الباب غيرهما.

امام مسلم حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان بيان ڪيو تہ رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بدترين کاڌو ان دعوتِ وليمہ جو کاڌو آهي جو جيڪو ان ۾ اچڻ چاهي ٿو ان روڪيو وڃي ٿو ۾ جيڪو نٿو اچڻ چاهي ان کي گهرايو وڃي ٿو. (صحيح مسلم، ص ٧٥٠، الحديث ١١٠) طبراني ڪبير ۾ ديلمي مسندالفردوس سندِ حسن سان ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي واسطي سان حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو

هي ارشاد مبارڪ هنن لفظن سان نقل ڪيو آهي تہ پيٽ پريل کي دعوت ڏني وڃي ۽ بکايل کي روڪيو وڃي. (المعجم الکبير ج 12 ص 123 حديث 12754) ان باري ۾ انهن کان علاوه بين بہ حديثون روايت ڪيون آهن

﴿5﴾ جيڪي محتاج اچن انهن جي خدمت چاڪري سٺي نموني ڪيو انهن تي پنهنجو احسان نہ رکو بلڪ اچڻ تي انهن جو احسان پاڻ مٿان سمجهو ڇو تہ اهي پنهنجو رزق کائن ۽ توهان جا گناهہ مٽائن ٿا، اتارڻ، ويهارڻ، گهرائڻ، ڪارائڻ، ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ اهڙو ورتاءُ نہ ڪيو جنهن سان سندن دل ڏکي ڇو تہ احسان جتائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ سان صدقو بلڪل برباد ٿئي ٿو . قال اللّٰہ تعالیٰ:

”اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَاۤ اَذًى ؕ وَ اللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿۲۶۳﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ“ (البقرة : 262 تا 264)

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ ڏني پٺيان نہ ٿورو جتائن ۽ نہ تڪليف ڏين انهن جو اجورو سندن ربّ وٽ آهي ۽ انهن کي نہ تہ ڪو ڊپ هجي نہ ڪو غم، چڱي ڳالهہ چوڻ[1] ۽ درگذر ڪرڻ[2] ان خيرات کان ڀلو آهي جنهن جي پٺيان ستائڻ هجي ۽ الله بي پرواهہ آهي[3] بردبار آهي[4]، اي ايمان وارؤ

[1] جو هٿ سان تہ ڪجهہ نہ ڏنائين، مٺي زبان سان سائل کي موٽائي ڇڏيو.
[2] جو فقير اجايو ضد ڪيو يا ڀي ڪا حرڪت ڪئي تہ ان تي ڌيان نہ ڏنائين ۽ ان کي تڪليف نہ ڏنائين.
[3] جيڪو توهان جي صدقن جي ۽ خيراتن جي پرواهہ نٿو ڪري، پوءِ احسان ڪنهن تي ٿا ڪيو.
[4] توهان کي بيشمار نعمتون ڏئي، توهان جي سخت سخت نافرمانين کان درگذر فرمائيندو آهي توهان هڪ گرهہ محتاج کي ڏئي ان کي بنا سبب جي ايذاء ڏيندا آهيو.

پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو ٿورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي انهي وانگر جو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ[1] لاءِ خرچ ڪري.

انهن سيني ڳالهين جو لحاظ رکندي هن عمل کي هڪ ئي پيرو نہ ڪن بلڪ هر هر ڪن تہ جيترو واڌ ٿيندي، اوترو ئي فقيرن ۽ غريبن جي ڀلائي ٿيندي، اوترو ئي پنهنجي لاءِ ديني ۽ دنياوي، جسماني ۽ جاني، برڪت و نعمت ۽ سعادت ٿيندي، خاص ڪري ڏڪار وارن ڏينهن ۾ جو جيستائين عِيَاذًا بِاللّٰهِ ڏڪار رهي روز ائين ڪرڻ مناسب آهي جو ان ۾ نهايت آساني سان غريبن ۽ مسڪينن جي سار لهي سگهجي ۽ پنهنجي ڪاڏي مان سندن ڪاڏو بہ نڪري ويندو ڏيندي نفس کي معلوم بہ نہ ٿيندو ۽ جماعت جي ڪري هڪ سؤ جو ڪاڏو ٻن سون کي پورو پوندو عام الرماد جي ڏڪار ۾ حضرت سيدنا اميرالمؤمنين عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن انهي جو ارادو ظاهر فرمايو.وبالله التوفيق وهداية الطريق.

اَلحَمدُلله اهو نادر و بيمثال جواب ڀلاري مهيني ربيع الثاني جي وچين ڏهاڪي جي ٽن نشستن ۾ مسودي جي تحرير ۽ تبييض پوري ٿي بلحاظ تاريخ رادالقحط والوباء بدعوة الجيران ومواساة الفقراء.

واخر دعوانا أن الحمدلله رب العلمين والصلوة والسلام على سيد المرسلين محمد وآله وصحبه أجمعين والله سبحانه و تعالى أعلم وعلمه جل مجده أتم و أحكم.[2]

---

[1] جو ان جو صدقو منڊون ٿي ضايع آهي

[2] ۽ اسان جي دعا جو هي خاتمو آهي تہ سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ کي جيڪو مالڪ سيني جهانن جو ۽ رسولن جو سردار محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن آل ۽ سيني اصحابن تي درود ۽ سلام هجي الله تعالي وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو ۽ ان جو علم ۽ ان جي بزرگي ڪامل ترين تمام گهڻي محڪم آهي.

# ماخذو مراجع


| | | |
|---|---|---|
| قراٰن مجید | کلامِ باری تعالیٰ | ضیاءالقراٰن پبلیکیشنز لاہور |
| كَنْزُالْاِيْمَانِ فِیْ تَرْجَمَةِالْقُرْاٰن | اعلیٰحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | ضیاء القراٰن پبلیکیشنز |
| صَحِيْحُ الْبُخَارِی | امام محمد بن اسما عیل بخاری متوفّٰی ۲۵۶ھ | دار الکتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشیری متوفّٰی ۲۶۱ھ | دار ابن حزم بيروت |
| سُنَن الترمذی | ابوعیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذی متوفّٰی ۲۸۹ھ | دار الفکر بیروت |
| سُنَنُ اَبِی دَاوٗد | امام ابو داؤد سلیمان بن اشعث متوفّٰی ۲۷۵ھ | دار احیاء التراث العربی |
| سُنَنُ النسائی | امام ابو عبد الرحمن بن احمد شعیب نسائی | دار السلام ریاض |
| سُنَنُ ابنِ ماجة | ابو عبد اللہ محمد بن یزید القزوینی متوفّٰی ۲۷۳ھ | دار الفکر بیروت |
| اَلْمُسْنَدُ لِلاِمَامِ اَحْمَد | امام احمد بن حنبل متوفّٰی ۲۴۱ھ | دار الفکر بیروت |
| المسند لابی یعلی | شیخ الاسلام ابویعلیٰ احمد الموصلی | دار الکتب العلمیه بیروت |
| المستدرک للحاکم | ابوعبد اللہ محمد بن عبد اللہ نیشاپوری | دار المعرفه بیروت |
| اَلْمُعْجَمُ الْكَبِيْر | امام سلیمان بن احمد طبرانی متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار احیاء التراث العربی |
| اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط | امام سلیمان بن احمد طبرانی متوفّٰی ۳۶۰ھ | دار الکتب العلمية بيروت |
| شُعَبُ الْاِيْمَان | امام احمد بن حسین بیہقی متوفّٰی ۴۵۸ھ | دار الکتب العلمية بيروت |
| فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شیرویہ بن شہردار دیلمی متوفّٰی ۵۰۹ھ | دار الفکر بیروت |
| التَّرْغِيْبُ والتَّرهِيب | امام زکی الدین عبد العظیم المنذری | دار الفکر بیروت |
| مجمع الزوائد | حافظ نور الدین علی بن ابوبکر ہیثمی | دار الفکر بیروت |
| مرقات المفاتیح | علي بن سلطان (ملا علي قاري) | دار الفکر بیروت |
| العلل المتناهية | امام ابن عبدالرحمٰن بن علي الجوزي | دار الکتب العلمیه بیروت |
| تاریخ بغداد | ابوبکر احمد بن علی الخطیب بغدادی | دار الکتب العلمیه بیروت |
| المواهب اللدنية | امام شہاب الدین احمد قسطلاني | دار الکتب العلمیه بیروت |
| شرح الزرقاني علي المواهب | امام محمد بن عبدالباقي الزرقاني | دار الکتب العلمیه بیروت |
| تاریخ بغداد | امام ابوبکر احمد بن علي الخطیب البغدادي | دار الکتب العلمیه بیروت |


## هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي ٻه رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهرگهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

